# آمريڪا جون مُکي ڦولهاري (ريسرچ) يونيورسٽيون

February 8, 2007 at 11:32 pm | In Education | No Comments

قلم تازو– هن بِلاگَ ۾ ڪتب آندل ڪِن نئونِ ۽ پُراڻِن لفظن جي معنا ڏسڻ لاءِ هت ڪلڪ ڪندا

http://shikarpuri.wordpress.com/files/2007/02/glossary.pdf



جيئين مان اڳي ڳالهه پي ڪئي ته آمريڪا ۾ لڳ ڀڳ 2،400 چار ورهيه ڪاليج آهن. انهن مان 230 ڦولهاري (ڦولها، يعني رِيسرچَ، ڪندڙ) يونيورسٽيون آهن ۽ 40 کن خانگي ڪاليج اُچا مياري ليکجنِ. هنن 40 ڪاليجن ۾ داخلا ڏکي هوندي آهي، وري وديارٿي (شاگرد) گهٽ ۽ لاڳُ (في ءُ) وڏو هوندو آهي. ساليانو خرچو سٺن خانگي چار ورهيه ڪاليجن توڙي خانگي يونيورسٽين ۾ هاڻ اٽڪلَ 50،000 آمريڪي ڊالر ٿئي، جنهن مان 36،000 پڙهائي لاڳُ (ٽوُشنِ في) پوي. سرڪاري يونيورسٽين ۾ پڙهائي لاڳُ انهي جو اڌ يا گهٽ هوُندو آهي. هوُنئن هرڪو ڪاليجُ يا يونيورسٽي پنهنجي لاڳُ پاڻ ٻڌن. پر ٻنهي قسمن جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾، وظيفا، گهٽ وياجي قرضا ۽ ڪي ڪجھ وقتي نوڪريوُن هونديون آهن. انهي لاءِ نه رڳو حڪومتي پَرَ ڪاليجن جا پنهنجا وسيلا پڻ هجن. مياري خانگي چار وريهه ڪاليجن بابت مان وري ڪڏهن لکندم. اهي ڪاليجَ پي ايچ ڊي ڊگري ڪونه ڏين ۽ ٻيون پروفيشنل يا ماسٽرز ڊگريون به نه.

230 ڦولهاري (ريسرچ ڪندڙ) يونيورسٽين مان 150 کن صوبن جون حڪومتون هلائنِ ۽ باقيِ خانگي آهن. سرڪاري يونيورٽين ۾ وديارٿي گهڻا هوندا آهن ۽ خانگي يونيورٽين ۾ گهٽ. سرڪاري يونيورسٽيون جي ضميوار جمات (بوردِ آف ٽرسٽيس) ڪٿي عام چوندن سان چوندجي، ڪٿي گورنرَ مقرر ڪن. خانگي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا پنهنجا ذميدار جمات آهن جيڪي پنهنجا قائدا ٺاهين. ڪٿي اهي ذميدار جمات اڳين ودريارتن جي چوندن سان اچن پرَ ڪي وديالہ وري ڌرمي اِدارا هلائن. اهي خانگي ڪاليجَ ۽ يوُنيورسٽيون پڻ بنا وَٺاءُ (منافي) جي اصول تي هلنديون آهن. ڇو جو آمريڪا جو آئين (بنيادي قانون) سرڪاري 'لا ڪوُفيتَ' (سِڪيولرزم يا بي دينيتَ) جي اصول تي ٻڌل آهي، تنهنڪري سرڪاري وديالن ۾ ڪنهن ڌرمي تعليم لاءِ سرڪار پيسا نہ ٿي ڏيئي سگهي.

هر صوبي ۾ هڪ مکيِ ڦولهاريِ يونيورسٽي هوندي آهي. ڪڏهن ساڳي يونيورسٽي جون هڪ کان وڌيڪ شاخون هونديون آهن ۽ انهن شاخن جو ميار هڪ ٻي کان ٻيو هجي. انهيءَ 150 ڳڻتَ ۾ ساڳي يونيورسٽي جي ٻين ٻين شاخن کي جدا جدا ڪري ڳڻيو ويو آهي. پي ايچ ڊي جي ڊگري رڳو ڦولهاري يونيِورسٽيون ڏينديون آهن. انهن 230 يونيورسٽين مان ڪي 30 کن ٽڙيءَ جون يونيورٽيون ليکبيون جن مان ڪي سرڪاري ۽ ڪي خانگي آهن. هِنَ بلاگَ ۾ مان پنهنجي يوُنيورسٽي بابت ٻڌائيندمُ. ايندڙ بلاگ ۾ اهڙين يونيورسٽين ۾

پروفيسر ڇا ڪندا آهن، اپياس جو مقصد ۽ وايا منڊل ڇاهي، ۽ هلائڻ جو انتظم ڪهڙو آهي، انهن ڳالهين بابت لکندس.

مان پروفيسر آهيان "يونيورسٽي اِلينائي جي اَربانا شيمپينَ ۾"، جنهن کي يوُآئي يُوسِي ڪري ڳهٽائي لکندا آهن. اها الينواءِ جي مُکيہ يونيورسٽي آهي (انگريزي ۾ "فليگ شِپُ" جيڪو اَمير البحر جي جهنڊيدار جهاز تان جُڙِ ڪلامُ خاص مان عام تي هَرَ جهُنڊَ، ٽولي، ميڙَ جي اُتاهون شئي لاءِ ڪتب اچي). . هونئن صوبي ۾ درجن کن سرڪاري يونيورسٽيون آهن ۽ چار اِنهن مان ڪنهن حد تائين ڦولها پڻ ٿئي ٿي. اِلينائي صوبي جي آبادي اٽڪل سوا ڪِروڙ (12,419,293) بيهي. معنا تہ سنڌ ۾ اهڙيون ٽي چار يونيورسٽيون هجڻ ڪپن.

اَربانا شيمپينَ بہ جاڙا شهر آهن جن جي گڏيلَ آبادي هڪُ لکَ آهي، جنهن مان ودريارتين جو انگُ 43,000 ٿئي. تِنِ مان 30،000 بيچلر جي ڊگري لاءِ اپياس ڪن پيا، تہ ٻيا پروفيشنل ڊگرينِ، يا ماسترزِ ۽ پي ايچ ڊِي لاءِ. يونيورسٽيءَ ۾ اٽڪل ٻہ هزارَ پروفيسرَ ڪان ٿوڙا گهٽُ آهن (پروفيسر ٿيڻ لاءِ پي ايچ ڊي لازم هجي. يونيورسٽيءَ ۾ ٻيا هزار کن پي ايچ ڊي پڻ پارهڻ يا ڦولها جي ڪم ۾).

اها يونيورسٽي 1867 ۾ شروع ٿي. انهي اندر سورهان ڪاليجَ يا اهڙا ايڪن گڏيل آهن، جنهن ۾ آبادگاريِ، سماچار ("ڪميونيڪيشن")، طِبَ، ڏنڌي، هَوابازيِ ("ايوِيئشن")، وڪالت، فن (آرٽس) ۽ اڏاوَتَ (آرڪيٽيڪچر)، مزوري ۽ ڪارخاني جا رِشتا، پُستڪ آليہَ (ڪتب خانن)، سماجي ڪمَ، جانورن لاءِ طب، موصيقي، شهر

رٿابندي ۽ انجنيري جا وديالہ آهن. انهن سين کان وڏو پاڳو "وافي فن ۽ وگيان" جو ڪاليج آهي جنهن ۾ آتم گيان، انگريزي ۽ ٻين ٻين ٻولين جا عالم، اخبار نويس (صحافت)، ٻولي گيان، علم ڪيميا، ڳڻت گيان، ۽ ٻيا گهڻيئي سِڪِيائون اڀياس لاءِ آهن.

يونيورسٽي جو ساليانو تخمينو (بجيٽُ) اٽڪل ڏيڍُ بلين (1,430,000,000) آمريڪي ڊالر آهي. هيل تائين اٽڪل هڪ لکُ چاليهہَ هزار هتان ڊگريون وٺي ويا آهن.

يونيورسٽيءَ جي مُکي جاءِ 1368 ايڪڙنِ (ڇههَ چورس ڪلاميٽرنِ) جي ايراضي ۾ پکيڙيل آهي جنهن ۾ 272 عِمراتون آهن. هر عمارت ٽن کان پنجن ڇهن ماڙين جي آهي جنهن آفيسون، تجربي خانا (ليبارٽيون)، ڪلاسون ڪڏهن سوَ ٻن کان مٿي ۽ ڪڏهن گهٽو گهٽُ.. مُکي ماڳَ ("مينِ ڪيمپسِ) کان ٻاهر يونيورسٽي وٽ ويهہ چورس ڪِلاميٽر (اٽڪل پنج هزار ايڪڙ) جائيداد آهي جنهن ۾ ٻنيون، ٻيلا، ۽ ٻہ سوَ نوي ٻيون عمارتون آهن. اِنهن ٻيلن ۽ ٻنين ۾ ڦولها ٻہ ٿئي ۽ وديارتن توڙي عام ماڻهن کي پنڌ، وندر ۽ سِکڻ جا موقعا ڏجن ٿا.



يونيورسٽيءَ ۾ ٽي ريڊبي جا ٽيشنَ (هڪُ نمونو جنهن کي "وچون ڦرڪٽو" يا "ميڊيم ويوهُ" ريڊبو ڪونيندا آهن، ۽ هتي آمريڪا ۾ ڦرڪٽي ڦدُ آلاپٽو يا اي ايم "ايمپلِيٽوڊ ماڊيوُليشنِ" ريڊبنِ لاءِ. ٻہ ڦرڪٽي وراڪي رفتارَ آلاپٽو يا ايف

ايم ”فرِيڪونسِي ماڊيوليشن“ وارن ريڊين لاءِ ) آهن. انهن مان ٻہ يونيورسٽي هلائي ۽ هڪ وديارٿي پاڻ هلائن. وديارٿي روزانو اخبار پڻ ڪيندا آهن. يونيورسٽي هڪ ٽيِ وِي ٽشنُ پڻ هلائي. انهن سين ۾ ڪي ڏنڌي وارن جا اِشتهاري اعلان نہ ڏيندا آهن. يونيورسٽيءَ جو پنهنجو هوائي اَڏو پڻ آهي جنهن ۾ ويهہ ڪان مٿي عام جهاز روزانو اچ وڃ ڪن. وِيتر ٻيا خانگي جهاز بہ اچن ۽ وڃن. شوقينن لاءِ هوائي جهاز انجمن (ڪِلَبُ) بہ آهي جنهن مان ٻہ چار سواري ڪٽنڌڙ ننڍيا جهاز مسواڙ تي ميمبر وٺي سگهن ٿا. منهنجو نگهباني هيٺ هڪ پي ايچ ڊي ڪندڙ شاگردَ اُڏامڻ جو شوقين هوندو هو ۽ هر هفتي جهازگزاري (پائيليٽ) سبق وٺڻَ اُڏامڻ ويندو هو. هاڻ ٻي هنڌ پروفيسر آهي ۽ مان جڏهن اُتي هڪ وارَ ليڪچرَ ڏيڻ وَيُم تہ ان ڪان پوءِ ننڍي جهاز ۾ پاڻ جهازگزاري ڪيون ٻي شهر پچائڻ هليو.

هڪ اڏاوت ۾ آهن جنهن ۾ هڪ وقت چار هزار جڻا [چار ناٽڪ گهر](#) يونيورسٽي ۾ ساڳي وقت موسيقي، ناٽڪَ، ۽ ٻيا تماشا ڏسِي سگهن ٿا.



انهن ماڳن تي سال ۾ 350 تماشا ٿين ... ڪي هتان جي سڄي جڳ جو ڪلاڪارن، ناچ، ناٽڪ وديارٿين جاء ڪي موسيقي وديالِيہ وٽ بہ ٻيا بہ هال آهن .وغيرا جي ٽولن جا. هڪڙو ٻيو هال ساڍا سترهان سوَن لاءِ آهي جنهن ۾ مقالاء وڏي ۾ وڏو هال .تقريرون ۽ راڳ مالا فنڪشن ٿين

اِنهي هال ۾ ڊگريون ورهائڻ .سترهن هزارن کان مٿي ڄڻن کي ويهڻ جي جاءِ ڏي جي رسم (ڪِريا ڪرمُ) ٿئي.

ازانسواءِ راندين ۽ ورزش لاءِ اڏاوتون آهن جن ۾ چار ترڻ لاءِ وڏا ڍُبا ۽ اندر ڊڪڻ جا ميدان شامل آهن (اِتي سياري جا ڪي مهنا برفَ پئي). ليبرري ۾ هڪ ڪِروڙ 10،000،000 کان مٿي جلد آهن ۽ ڪُلُ 24،000،000 ايڪنَ (جرنلَ، ڪتاب، فلمون، نقشا، هٿ لکيل دستاويز آهن. هيءَ ليبرري آمريڪا جي پنجن وڏي ۾ وڏين ليبررين مان هڪ آهي. يونيورسٽي ۾ مصوِري، ۽ دنيا جي سڀيتا جا ميوزيمَ آهن. ليبرريءَ جون گهڻيون عِمراتون آهن جن مان مکي جو فوٽون ساڄي هٿ تي ڏسندا.



يونيورسٽي ۾ وديارٿين جون [هڪَ هزار کن تنظيمون](#) آهن، ڪي سماجي ڀلائي لاءِ، ڪي نديون، ٻيلا، جانورَ، ڌرتي بچاوَ لاءِ، ڪي سياسي يا ڀين عقيدن جي پکيڙ لاءِ، ڪي راندين لاءِ، ڪي ناچ ملي ڪرڻ لاءِ، ڪي ڪنهن ڏيهہ جي سڀيتا کي پکيرڻ لاءِ، وغيره .اهي تنظيمون يونيورسٽيءَ جي پروفيسرن ۽ انتظاميہ جي دخلَ بنا وديارٿي حڪومت جي هيٺ هلن پر انهن جو وصولي تخمينو (بجيٽ) فيِڻُن مان ڪنهن هند تائين اچي ۽ کن جا دفتر پڻ يونيورسٽي ڏي .وديارٿي حڪومت

جي جوابداري آهي پيسا ۽ دفتر ورهائڻ ۽ انهي ڪم لاءِ اها وديارٿين جي عام



چونڊن ۾ ڪٿنڊڙ حڪومت پنهنجي رِٿ پَهُ پاڻ ڪري .گُهر ڪري پروفيسرن کان ڪڏهن هدايت وٺن نہ تہ پاڻ هلائين ـ ساڄي پاسي فوٽوُن وديارٿي ميلاپ عِمارت جو آهي جنهن ۾ وديارٿي تنظيمن جون آفِيسوُن آهن.

پَرَ هِنن تنظيمن تي ميار لاڳوُ آهي تہ هر ڪنهن وديارٿي کي ميمبر بنجڻ جي چوٽ هُجي جيڪر هن کي ميمبر نهڻ لاءِ اهو ڪپندڙ هُنر آهي جيڪو تنظيم جي قائدي ۾ لکيل آهي .ڪنهن بہ حالت ۾ ڪنهن وديارٿي کي سندس ڌرم، رنگ، جِنسِ، جهڙين ڳالهين ڪري روڪ نٽي وجهي سگهجي .اهڙا ٻيا اصول، هلت جي دستورِ عَملَ قائدن (”ڪودِ آف ڪانڊَڪٽِ“) ۾ لکيل آهن .هلت جي قائدن جي پيڪڙي ڪندڙنِ تي انتظامي ڪاروائي ڪرڻ لاءِ ڪي ڪاميٽيون ۽ آفيسر آهن. انهن جي فيصلن جي پڇاڙي اپيلِ پروفيسرن ۽ وديارٿين جي سڀا جي هڪ ڪاميٽي ٻُڌندي آهي (جنهن جو چوٿون ڀاڱو وديارتن جو .(انهيءَ ڪاميٽي تي هيلَ مان بہ ويهندو آهيان .

اهڙو نظام هِن سماج ۾ جاتي ڪاتي ڏسڻ ايندو. خود مختاري، قائدا، چونڊون، دستور عمل قائدا، درخواست جون ڪاميٽيون، لکَ پڙه جا ميار، سڀا ۾ بحث.

ماڻهن جي بہ هل هلان سدائين لڳي پئي هوُندي آهي پرَ ميڙ ناهي، راين جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ جمهوُري ميارن تي هلي پاڻ ڪي ترتيب ڏيئي ڳڙوڪ ڪرڻ جي عادت جوانيءَ ۾ ڏياري انهي بي تابي ڪي سرِ تي لاهڻ جي سکيا يونيورٽين ۾ ڪلاسن ڪان ٻاهر اهڙن ڪمن سان ملي.

مکيہ يونيورٽين جو ڪمُ هوشيار وديارٿين ڪي چيدا ماڻهوُ ناهڻ جيکي سياڻي جڳ جي رهبري ڪنِ. آمريڪا اُتاهون تعليم تي مُلڪَ جي سموري پيداوار جو اٽکل چاليهون ڀاڱو خرچ ڪري ٿي. توڙي اهو فوجي خرچ جي مُني ڀاڱي ڪان ٿوڙو لانيرو آهي، آمريڪا جي وڏي ترقي ۽ طاقت جو ڪارڻ اُتاهون تعليمي نظام آهي. (بنيادي تعليم تي اُتاهون تعليم ڪان ٻيڻ مٿي خرچو آهي.. ٻئي ملائي فوجي خرچن جو ٻيڻ مٿي ٿي. تعليم ڪان ٻيڻ وري بيمارن جي علاج تي خرچُ ٿين).

هاڻي هيءُ بلاگُ چڱو ڊگهو ٿيو، وري ڪنهن مهَلَ وديارٿين جي رهڻي خُير پروفيسري جي ڪم تي لکندم. (مٿيان سڀِ فوٽون اِلانائي يونيورسٽي ڪرٽي ۽ جا آهن

[http://uiuc.edu/overview/explore/](http://uiuc.edu/overview/explore/)